# 3

# قدرتي وسيلن جي سيڻي لاءِ سانڍ ڪرڻ

## Protecting Natural Resources for All


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| اڀرابري: ماحولياتي صحت جي مسئلن جا ڪارڻ ۽ اثر | 22 |
| وڏين ڪمپنين جا قبضا اسانجي صحت تي خراب اثر وجهن ٿا | 24 |
| پنچائتون جوڙڻ | 25 |
| پنهنجين وسندين کي پائدار / جٽائدار بڻائڻ | 26 |
| زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جو احترام ڪرڻ | 27 |
| قدرت جي وهنوار سان هلڻ | 30 |
| غلاظت سبب پيدا ٿيندڙ ڇيهي کان بچڻ | 32 |
| احتياطي اصول | 32 |
| موسمي تبديلي | 33 |

# قدرتي وسيلن جي سڀني لاءِ سانڊ ڪرڻ




اسان جنهن طريقي سان قدرتي وسيلن جو استعمال ڪريون ٿا، ان جو اسانجي ۽ اسانجي ماحول جي صحت تي اثر پوي ٿو. جيئن ته، اسان مان هرهڪ قدرتي وسيلا استعمال ڪري ٿو، تنهنڪري اسان سڀني کي اهڙن وسيلن جي بچاءَ ۽ سانڊ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻو آهي.

بدقسمتيءَ سان، سڀ ماڻهو قدرتي وسيلن جو هڪجهڙائپ سان استعمال نٿا ڪن. غريب انهن جو گهٽ ۾ گهٽ، ته امير وڏ ۾ وڏ استعمال ڪن ٿا. طاقتور ڪمپنيون، رياستون ۽ ملٽريون عام طور تي قدرتي وسيلن جو هڪ وڏو حصو هڙپ ڪري وڃن ٿيون. نه رڳو ايترو پر ڪنهن برادريءَ جا امير ماڻهو به، غريبن جي ڀيٽ ۾ قدرتي وسيلن جو وڏيڪ استعمال ڪن ٿا، جنهن سبب جيڪي ڪجهه باقي بچي ٿو ان تي غريب ماڻهن کي وڙهڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. قدرتي وسيلن جي اهڙي غير منصفانه ورڇ سبب غريب ماڻهن کي صحت جي سنگين ۽ اڪيچار مسئلن سان منهن ڏيڻو ۽ ڀوڳڻو پوي ٿو.

اسان قدرتي وسيلن جي سانڊ لاءِ سڄو ڏينهن ڳالهائي ته سگهون ٿا پر جيسيتائين اٽبرابري قائم رهندي تيسيتائين ماحولياتي صحت رڳو انهن چند فردن جو حق رهندي، جيڪي امير ۽ طاقتور هوندا ۽ نه ڪي انهن انسانن جي اڪثريت لاءِ جن کي روزمره جي زندهه رهڻ لاءِ انهن وسيلن جي گهرج پوندي رهي ٿي. جيئن هڪ دفعي مهاتما گانڌيءَ چيو هو ته، ”هرهڪ فرد جي گهرجن ۽ ضرورتن جي پورائي لاءِ ته گهڻو ڪجهه موجود آهي پر نه ڪي هرهڪ فرد جي هٻڇ لاءِ.“



# اڻبرابري: ماحولياتي صحت جي مسئلن جا ڪارڻ ۽ اثر

ماحولياتي صحت جا ڪيترا مسئلا هيٺين ڳالهين سان لاڳاپيل آهن:

- **اڻاٺ:** انهن سيني گهربل ضروري شين جي جيڪي تندرست زندگيءَ گذارڻ لاءِ ضروري ٿين ٿيون جهڙوڪ: صاف پاڻي ۽ هوا، صحتمند زمين ۽ ٻيلا، سلامتيءَ وارو ۽ آرامده اَجهو ۽ ڪم ڪار ڪرڻ جون سلامتيءَ واريون حالتون.
- **جهجهائپ:** اهڙين هاڃيڪار شين ۽ وکرن جي، جن جي اسانکي گهرج نٿي هجي جهڙوڪ: گند ڪچرو زهريلا ڪيميائي مرڪب، **غلاظت ۽ چسڪيدار ڪاڌا.**

اِڪوئيڊور جي قصي ۾ (ڏسو باب 1) صحت جا مسئلا، بنيادي ضرورتن جهڙوڪ: صاف پاڻيءَ، ڪاڪوسن ۽ وڻن جي کوٽ سبب پيدا ٿيا. جڏهن تہ ڀوپال، انڊيا جي قصي ۾ صحت جا اهڙا مسئلا زهريلين ڪيميائي مادن جي جهجهائپ سبب پيدا ٿيا.

ٻنهي قصن ۾، ماحولياتي صحت جي سنوارسڌار جو مدار انهن حالتن کي روڪڻ تي هيو جن ٻنهي قسمن جا مسئلا يعني زندگيءَ جي روان دوان رهڻ لاءِ گهربل وسيلن جي کوٽ ۽ جهجهي زهريلي غلاظت پيدا ڪئي. اسان پنهنجين وسندين ۾ قدرتي وسيلن جي بچاءَ ڪرڻ سان پنهنجن ٻارڙن ۽ پنهنجن ٻارڙن جي ٻارڙن جي آئندي جو تحفظ ڪريون ٿا.



# تمام گهڻا ماڻهو ۽ تمام گهٽ وسيلا

هن ڌرتيءَ تي موجود پاڻي، وڻ ٽڻ، معدنيات ۽ ٻيا قدرتي وسيلا محدود مقدار ۾ موجود آهن. جڏهن ته، اهڙا وسيلا استعمال ڪندڙ ماڻهن جي انگ ۾ ڏينهون ڏينهن تيزيءَ سان واڌارو ٿي رهيو آهي. اصل ۾، ماڻهن جو انگ به مسئلو ناهي پر، مسئلو هي آهي ته، اهڙن قدرتي وسيلن جي ڪهڙي ريت ورڇ ۽ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن به ڪو فرد يا ماڻهو يا ماڻهن جو ڪو گروهه اهڙن وسيلن جو پنهنجي جائز حصي کان وڌيڪ استعمال ڪري ٿو يا حد کان وڌيڪ غلاظت پيدا ڪري ٿو تڏهن اهڙو عدم توازن ٻين لاءِ ماحولياتي صحت جا مسئلا پيدا ڪري ٿو.



هڪ امير ماڻهوءَ جو غربت ۽ ماحول جي تباهيءَ بابت ويچار: تمام گهڻا ماڻهو تمام ٿورڙي زمين ۽ وسيلا.

**هڪ غريب ماڻهوءَ جو غربت ۽ ماحول جي تباهيءَ بابت ويچار:** زمين ۽ قدرتي وسيلن جي غير مناسب ورهاست، تمام ٿورن ماڻهن جي هٿ ۾ تمام گهڻو هجڻ.




ڪن ماڻهن جي ويساهه مطابق، ماحول کي ڇيهي رسائڻ کان بچائڻ جو بهتر طريقو ماڻهن جي انگ (آباديءَ) ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي. هن قسم جي سوچ، انساني "آباديءَ کي ضابطي" ۾ رکڻ جي پروگرامن جي ڳالهه ڪري ٿي. جڏهن ته هن قسم جا پروگرام ڪنهن به هنڌ تي ماڻهن جي معيار زندگيءَ ۾ سڌاري آڻڻ ۾ ناڪام ويا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي، ماحول جي تباهيءَ جا اصل ۽ بنيادي ڪارڻ، غربت ۽ اَيري صحت جا مسئلا حل نٿا ڪن. جن ڪٽنبن وٽ وسيلا هجن ٿا ته اهي صحتمند رهن، نت نانگر سان زندگي گذارين ۽ انهن مان گهڻا، ٿورڙا ٻار پيدا ڪرڻ پسند ڪن ٿا. پر جيسيتائين برادريون، رياستون ۽ ترقياتي رٿائون ٻارڙن کي جيئڻ، عورتن کي سماجي، سياسي ۽ معاشي مان مرتبي سڌارڻ جا حق ۽ سهولتون نه ڏينديون، تيسيتائين نام نهاد "آباديءَ جو مسئلو" حل ٿي نه سگهندو.

جڏهن ته، دنيا جي انسانن جي انگ گهٽائڻ سان به قدرتي وسيلن جي اڻبرابري جي استعمال جو مسئلو حل ٿي نه سگهندو. ماڻهن جي ماحول تي پوندڙ هاڃيڪار اثرن کي گهٽائڻ جو بهترين اپاءُ، اميرن پاران قدرتي وسيلن جو نه رڳو گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪرڻ، حد کان وڌيڪ غلاظت پيدا نه ڪرڻ پر اهي اهڙيءَ طرح سان استعمال ڪرڻ ۾ آهي ته جيئن آئيندي لاءِ انهن جي سانڍ ٿي سگهي. سڀ کان اڳ انهن جي سوچ ۽ سياءَ ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، جيڪي سڀ کان گهڻو استعمال ڪن ٿا، ته ساڳئي وقت اسانکي هن ڳالهه سان به شروعات ڪرڻي ۽ ان جي پڪ ڪرڻي پوندي ته هر هڪ جي تندرست زندگي گذارڻ لاءِ گهڻو موجود هجي.

## وڏين ڪمپنين جا قبضا اسانجي صحت تي خراب اثر وجهن ٿا

ايڪوئيڊور جي ساموندي ڪناري لڳ، صحت جي بحران پيدا ٿيڻ جو سبب (ڏسو باب 1) هڪ اهڙي وڏي ڪمپني / ڪارپوريشن هئي، جنهن مقامي ماڻهن کي پئسا ڏيئي اتي جو سڄو ٻيلو صاف ڪرائي ڇڏيو. جنهن سبب نہ رڳو ماڻهو انهن وڻن کان محروم ٿي ويا جيڪي زمين کي زرخيز رکندا ۽ طوفانن کان بچائيندا ٿي آيا تہ هو پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ روزاني گهربل وکرن جهڙوڪ: ڪاٺي، ڪاني ۽ دوائن سميت اهڙن ٻين ڪيترين بنيادي سهولتن کان بہ محروم ٿي ويا. جڏهن اهڙو ٻيلي جهڙو ڪو وڏو وسيلو ٻيهر بحال ٿي نہ سگهي تہ اهو بلڪل ايئن آهي، جيئن فطرت ۽ وسندين کي ڦُري ڪنگال ڪيو ويو هجي جن تي ايندڙ نسلن جو مدار هجي ٿو.

جڏهن ڪارپوريشنون قدرتي وسيلن يا عمارتي ڪاٺ، تيل، پاڻي، ٻج يا ماڻهن جي پنهنجي پورهئي جي طاقت تي ضابطو رکن ٿيون تہ اهي رڳو ۽ رڳو پنهنجي لاءِ فائدا حاصل ڪن ٿيون ۽ وٽن ماڻهن جي زندگي بچائڻ يا سڌارڻ لاءِ نالي ماتر دليل هجن ٿا جن جي جيئندان جو انهن وسيلن تي مدار هجي ٿو. ڪارپوريشنون رڳو عارضي نوڪريون ڏين ۽ آمدني مهيا ڪن ٿيون پر جي سندن دلچسپي اتان جي مقامي وسيلن کي ٻاهر موڪلڻ جي هجي ٿي تہ اهي، اهڙا وسيلا ختم ڪرڻ کانپوءِ پاڻ بہ هليون وڃن ٿيون جنهن سبب اتي جا ماڻهو اڳي کان وڌيڪ شديد غربت جو شڪار ٿين ٿا.



# پئنچائتون جوڙڻ

قدرتي وسيلن تي هڪ جيتري ۽ جائز اختيار هجڻ جو مطلب آهي ته، قدرتي وسيلن جي استعمال ۾ پاڻي پائيوار ٿيڻ ۽ ان ۾ سيني ماڻهن جو گڏيل فيصلو هجڻ. انصاف پرئي ۽ جائز اختيار هجڻ جون ڪيترين شڪليون يا نمونا ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته، انهن سيني جو بنياد، تعليم ۽ ماڻهن جو منظم ٿي تبديليءَ آڻڻ لاءِ گڏجي ڪوششون ڪرڻ آهن.

ماحولياتي صحت، سدائين هڪ راڄ / برادريءَ جو مسئلو ٿئي ٿو. تنهنڪري ماڻهن کي لازماً هڪ برادريءَ طور وسيلن جو بچاءُ ڪرڻو پوي ٿو جن مان سيني کي فائدو رسي ٿو. هڪ ڊگهي عرصي تائين گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ عام طور تي ماڻهن کي، پئنچائت يا تنظيم جوڙڻي پوي ٿي.

جڏهن اِڪوئيڊور ۾ ڪالرا جي وبا پکڙجڻ شروع ٿي ته، "لوڪ صحت" جي نالي سان عوامي ڪميٽيون منظم ڪيون ويون. وبائي ڪالرا کي سنيءَ طرح سان منهن ڏيڻ لاءِ صحت جي عوامي ڪميٽين، ماڻهن کي چاڻ (سوڪهڙو ختم ڪندڙ پاٽيٽ ڪيئن ٺاهجي) ۽ ڪيترين سهولتون (نوان ڪاڪوس جوڙڻ ۽ پاڻيءَ جو نظام) مهيا ڪيون. ان ڪانسواءِ پنهنجين برادرين کي وڏيڪ سگهاري ڪرڻ لاءِ ڪلينڪون قائم ڪيون. اسڪولن، پارڪن ۽ ماڻهن جي گهرن تي وڃي ڪين صحت بابت سکيا ۽ چاڻ ڏني. بين ماڻهن کي بہ، پنهنجا پنهنجا گروپ ۽ تنظيمون جهڙوڪ: ماحولياتي صحت بابت چاڻ ڏيندڙ ۽ ريسائيڪل ڪرڻ جا پروگرام جوڙڻ ۽ هلائڻ لاءِ اتساهيو.




"لوڪ صحت" هيٺ پئسي، انجنيريءَ جا هنر، دوائون ۽ ٻيا وسيلا مهيا ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ برادرين سميت ٻين تنظيمن سان پڻ ڪم ڪيو. هنن اها بہ پڪ ٿي ڪئي تہ جيئن اهي وسيلا ڳوٺاڻا پاڻ استعمال ڪن ۽ انهن جو انتظام هلائين. اهڙن پروگرامن کي وڌائڻ ۽ ڦهلائڻ جون رٿائون تيار ڪرڻ لاءِ برادرين کي پڻ شامل ڪيو ويو.

جڏهن حڪومتون پنهنجن ماڻهن کي بنيادي گهرجن جون سهولتون مهيا نہ ٿيون ڪن تڏهن ماڻهن کي "لوڪ صحت" جيان لازمي طور تي پاڻ اهڙا ادارا جوڙڻ گهرجن تہ جيئن صحت مند آئيندي جي پڪ ڪري سگهجي. عام طور تي جڏهن برادريون منظم ٿين ٿيون تہ پوءِ ئي حڪومت ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪري ٿي.

عورتن ۽ مردن، پورهيتن، آبادگارن، ٻيلائين، پاڳين، صنعتڪارن، زمين سڌاريندڙن ۽ اهڙن ٻين ماڻهن جي مختلف وسيلن جون گهرجون توهانجي برادريءَ يا تنظيم ۾ ڏڦيڙ بہ پيدا ڪري سگهن ٿيون. ورلي، اهڙا مسئلا خاص طور تي نبيرڻ ڏکيا ٿي پون ٿا جهڙوڪ: آمدنيءَ لاءِ عارضي ضرورتن ۽ صحت جي دائمي گهرجن ۾ توازن رکي سگهڻ. عام طور تي برادرين جي مضبوط ادارن جوڙڻ ۾ گهڻو وقت لڳي وڃي ٿو جو اهڙن فرقن ۾ سجاڻپ ڪرڻ ۽ ڏڦيڙن کي نبيرڻ ڏکيو ٿئي ٿو. صحت کي ڊگهي مدي لاءِ پنهنجو مقصد بڻائڻ ۽ هرهڪ فرد لاءِ اهڙا طريقا ڳولهڻ تہ جيئن اهي اهڙا مقصد ماڻڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪري سگهڻ سان، ڏکيا تڪرار نبيرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي ۽ اهڙا ادارا قائم ڪري گڏيل مفادن لاءِ ڪم ڪري سگهجي ٿو.

## پنهنجين وسندين کي پائدار / جٽائدار بڻائڻ

**پائدار** ٿيڻ لاءِ پوءِ چاهي اهو ڪنهن ادراي، قدرتي وسيلن يا برادرين جو هجي، اهڙيءَ طرح سان رٿابندي ڪرڻي آهي ته جيئن ماڻهن جون نه رڳو هاڻ روزمره جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن ته ايندڙ نسلن جون به. اسان پنهنجي چوگرد هر هنڌ ۾ هن سڄي ڪتاب ۾ پائدارۀ ناپائدار سرشتن جا برادرين جي تنظيمن جهڙوڪ: صحت مرڪزن يا ريسائيڪل ڪرڻ جي پروگرامن ڪانوني قدرتي وسيلن جهڙوڪ: ٻيلن، ٻنين ٻارن ۾ چشمن جا ڪيترائي مثال ڏسي سگهون ٿا.

اڄڪلهه ماڻهو جنهن وڏي ۾ وڏي مسئلي سان منهن ڏئي رهيا آهن اهو ماحول کي، جيڪو اسانکي تاتي ٿو. اجهو ڏئي ٿو ڪپڙا ڏئي ٿو پاڻي، توانائي ۽ دوائن سميت اسانجي وجود برقرار رکڻ جو اهم وسيلو آهي انکي ڇيهي رسائڻ ڪانسواءِ پنهنجين ضرورتن جي پورت ڪريون.

عام طور تي ڪمپنيون ۽ سياستدان "پائدار ترقيءَ" جي هام هڻن ٿا. پر ڪيترين حالتن ۾ اهي "پائداريت" لفظ استعمال ڪري پنهنجا مفاد حاصل ڪن ۽ سياسي طاقت وڌائين ٿا. آخر ۾ اهي اسانجو صحت بخش ڪاڏو صاف هوا ۽ سولائي سان ملندڙ پيٽ گذر به کسي وڏيڪ غلاظت، ٻيلا برباد ۽ بيماريون ڏين ٿا.

پائداريت جا ڪجهه مثالءِ انهن کي قائم رکڻ جا طريقا جيڪي برادريون استعمال ڪن ٿيون تن جو ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. اميد ته اها معلومات توهانکي پنهنجين برادرين ۾ پائدار رٿائون جوڙڻ ۾ مدد ڪندي.



## زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جو احترام ڪرڻ

هيءَ قدرتي دنيا, ڀانت ڀانت قسمن جي جاندارن جي جڙيل آهي. تمام گهڻن مختلف قسمن جي انسانن, وڻن ٻوٽن, جانورن ۽ جيتن جڻين لاءِ جيڪي هن ڌرتيءَ جا رهواسي آهن, تن لاءِ اسان سائنسي لفظ **"گوناگون جيوت"** (biodiversity) استعمال ڪريون ٿا. سائنسدانن پاران انيڪ قسمن جي جاندار شين کي اهو نالو ڏيڻ کان گهڻو گهڻو اڳ گهڻا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي زندگيءَ جي تاڃي پيٽي بابت سيکاريندا ۽ سمجهائيندا هيا. جيئن ڪنهن ڪوريئڙي جو تاڃي پيٽو ڪيترن تاندورن جي ڳنڍجڻ سان مضبوط ۽ سگهارو ٿئي ٿو تيئن گوناگون جيوت به زندگيءَ جي تاڃي پيٽي تي مدار رکي ٿي جيڪا سڀني قسمن جي جاندارن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ ٿئي ٿي.

مثال طور, ماڻهو ميوا ۽ ڦل گڏ ڪري کائين ٿا جن ۾ غذائيت هجڻ سان اهي تندرست رهن ٿا. ميوو وڻن ٽڻن تي ٿئي ٿو ۽ جيت اهي **پوڪائين** ٿا. جيڪڏهن اهي پوڪجي نه سگهن ته ميوو به پيدا ٿي نه سگهي. پکي, جيت کائن ٿا ۽ پکين جو لومڙ شڪار ڪن ٿا. زندگيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ توازن هجڻ جو مقصد ايترن گلن, جيتن, پکين ۽ لومڙين جو هجڻ آهي ته جيئن اهي سڀ ڪنهن علائقي ۾ رهي سگهن. جيڪڏهن توهان لومڙين جي هڪ وڏي انگ کي ان سبب ماري ڇڏيو جو اهي توهانجون ڪڪڙيون کائي وڃن ٿا تڏهن ممڪن آهي ته, پکين جو ايترو تعداد وڌي وڃي جو اهي تمام گهڻا جيت کائڻ شروع ڪن. اهڙي طريقي سان گهڻين لومڙين کي مارڻ جو اهو نتيجو نڪرندو ته توهانکي, ميوو به گهٽ حاصل ٿيندو.



انساني صحت بچائڻ جو هڪ اهم حصو زندگيءَ جي تاڃي پيٽي کي هاڃي ۽ آئيندي لاءِ سانڍڻ ۾ آهي.

بدقسمتيءَ سان, سڄيءَ دنيا ۾ گوناگون جيوت تباهي جي ڪنڌي تي اچي پهتي آهي جو هر سال ڪيترن وڻن ٽڻن ۽ جانورن جون جنسون ختم ٿي رهيون آهن. گوناگون جيوت نه رڳو پنهنجي لحاظ کان پر ٻين به ڪيترن ئي لحاظن کان زندگيءَ جي تاڃي پيٽي لاءِ جيڪو انساني صحت جو بچائيندڙ آهي ڪارائتي ۽ قيمتي آهي.

## زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جي تباهيءَ سان نيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون

گوناگون جيوت جي تباهيءَ جو مطلب آهي، "وڻن ٽڻن ۾ جانورن جون گهٽ جنسون ۾ وڻن ٽڻن، جانورن ۾ انسانن جي قدرتي توازن جو ڏانوانڊول ٿيڻ." ان سبب ڪيترين نيون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون. هت رڳو ٻه اهڙا مثال ڏجن ٿا ته **ٻيلن جي ناس ٿيڻ** سبب گوناگون جيوت جي تباهي ڪيئن نه نين بيمارين کي پيدا ڪري ٿي:

- آفريڪا ۾ جن ٻيلن هنڌن تي ماڻهن زراعت ڪرڻ ۾ ڳوٺ ٻڌڻ لاءِ ٻيلا ڪٽي ڇڏيا ته اتي ليشمئنياسس (leishmaniasis)، پيلي بخار (yellow fever) ۾ ننڊاڪڙائپ/ڳهرائپ (sleeping sickness) جون بيماريون پکڙجي ويون. جيڪي انهن جيتن سبب پيدا ٿيون، جن پاڻيءَ جي گڏ ٿيڻ ڪري واڌ ٿي ڪئي نه ته اڳ ۾ اهڙو پاڻي زمين ۾ جذب ٿي ويندو هو ۾ جيڪي جاندار انهن جيتن کي کائي ختم ڪري ڇڏيندا هيا، تن جا ٻيلن جي ناس ٿيڻ سان گهر به ختم ٿي ويا.
- جڏهن اتر آمريڪا ۾ گهٽي تعداد ۾ وڻ وڍيا ويا ته سفيد پيرن وارين ڪوئين کي گهٽي کاڌي ملڻ سبب انگ وڌي ويو ته انهن جي شڪار ڪندڙ جانورن جو تعداد گهٽجي ويو. جنهن سبب ڪوئين جي لائيم (Lyme) بيماري انسانن ۾ پکڙجي ويئي.



جڙيون ٻوٽيون استعمال ڪندڙ ماڻهو نه رڳو اهي ٻوٽين ۾ انهن جو بچاءُ ڪن ٿا ته گوناگون جيوت ۾ رسمن جو به تحفظ ڪن ٿا.

### جڙين ٻوٽين جو مدار گوناگون جيوت سان آهي

ڪيترين قسمن جون دوائون، جڙين ٻوٽين مان حاصل ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن ٻيلا وڏي ناس ڪيا وڃن ٿا، نديون ۾ ويٽ لئنڊ سُڪي وڃن ٿا تڏهن اسان ڪيترين قسمن جي جڙين ٻوٽين کان محروم ٿي وڃون ٿا ته اسان کان انهن جڙين ٻوٽين رستي علاج ڪرڻ جي ڄاڻ به هلي وڃي ٿي. گوناگون جيوت ۾ زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جي تحفظ ڪرڻ سان اسان پنهنجي ثقافت ۾ علاج جي رسمي طريقن جو به تحفظ ڪريون ٿا.

گوناگون جيوت ۾ زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جي تحفظ ڪرڻ سان اسان پنهنجي ثقافت ۾ علاج جي رسمي طريقن جو به تحفظ ڪريون ٿا.

## هڪ صحت بخش کاڌي جو مدار گوناگون جيوت تي ٿئي ٿو

سٺيءَ صحت جو مدار مختلف قسمن جا کاڌا جهڙوڪ: ميوا، سبزيون، اناج ۾ جهنگلي کاڌو جهڙوڪ ٻيرون، مڇي ۾ شڪار کائڻ تي ٿئي ٿو. پر جڏهن اسان گوناگون جيوت تباهه ڪري ڇڏيون ٿا ته ان سان گڏ اسان ڪيترا اهڙا کاڌا به ضايع ڪري ڇڏيون ٿا، جن تي صحت بخش کاڌن طور اسان مدار رکون ٿا. ايئن سيني وسندين کي ناقص غذا سبب صحت جي مسئلن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو.

گلوريا، جيڪا "لوڪ صحت" لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ صحت سڌارڪ رهي آهي، ڪيس زندگيءَ جي تاڃي پيٽي جي سٺيءَ طرح سان ڄاڻ آهي ته، ماڪيءَ جي مکين کي ماکي ناهڻ لاءِ گلن جي ضرورت ٿئي ٿي ۾ گلن جهيلندڙ وڻن کي، گل جهلڻ لاءِ مکين جي مدد گهرجي ٿي. ان سبب جڏهن وڻ ٻوڪيا ۾ ماکيءَ جون مکيون پاليون ويون ته برداريءَ کي ساڳئي وقت کاڌي پيدا ڪرڻ سميت زندگيءَ جي تاڃي پيٽي بحال ڪرڻ ۾ به مدد ملي.



قسمين قسمين فصلن اپائڻ سان گوناگون جيوت ۾ صحت بخش کاڌن ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

## گوناگون جيوت سان فصلن جي اپت بهتر ٿئي ٿي

سڀ غذائي فصل جن ۾ چانور، مڪئي ۽ ڪڻڪ به اچي وڃي ٿي، ڪيترن هزارين سالن کان جهنگلي ٻوٽن مان پوکيا ويندا هيا. جڏهن ته اڄ به انهن فصلن جي سٺي اپت ڏيڻ لاءِ انهن جو جيتن ۽ ٻين جانورن تي مدار ٿئي ٿو.

صنعتي پوک، جنهن لاءِ وڏيون وڏيون زرعي مشينون ۽ زهريلا ڪيميائي مادا استعمال ڪري وڏي اپت حاصل ڪرڻ جون رٿائون ته تيار ڪيون وڃن ٿيون پر اهڙن ڪيميائي مادن سبب ڪارائتا ٻوٽا ۽ جيت جڻيا مري وڃن ٿا ۽ زمين کي نقصان پهچي ٿو. پر جي انهن سبب اپت وڌي به ٿي ته اها رڳو هڪ فصل جي ۽ صرف مختصر وقت لاءِ، ڪيترن سالن کانپوءِ سٺي صحت قائم رکڻ لاءِ گهڻ ڪاڌو ۽ ڪاڌي جون گهڻ جنسون موجود هجن ٿيون.



پائدار زراعت جو مدار نه رڳو گوناگون جيوت تي ٿئي ٿو ته اها انجو بچاءُ به ڪري ٿي.

زراعت جا پائدار طريقا استعمال ڪرڻ سان فصل سنا ٿين ۽ جيتن جا گهڻ ۾ گهڻ مسئلا پيدا ٿين ٿا. اهڙن پائدار طريقن جي استعمال ڪرڻ سان ڪارائتن جيتن ۽ جانورن جي صحت ۾ سڌارو اچي ٿو زمين قدرتي پاڻ سان زرخيز ٿئي ٿي ۽ وڻن ٽڻن سميت زمين جو بچاءُ ٿئي ٿو (ڏسو باب 15). مختلف فصلن جي اپت سان بهترين غذائيت حاصل ٿئي ۽ سيني جي صحت بهتر ٿئي ٿي.

## گوناگون جيوت پاڻيءَ جي وسيلن جو بچاءُ ڪري ٿي

ٻيلا ناس ڪرڻ ۽ صنعتي زراعت سبب زمين جي گهم ۽ وهڪرا گرم موسم ۾ سُڪي خشڪ ٿي وڃن ٿا. صنعتي زراعت جا ڪيميائي ڀاڻ ۽ پيسٽيسائيڊون وهي ندين ۽ ڍنڍن ڍورن کي غليظ ڪري ڇڏين ٿيون.

## گوناگون جيوت برادرين جو بچاءُ ڪري ٿي

ماڻهن جي ڪيترن مختلف قسمن جي گذران جو مدار قدرتي وسيلن جي دستيابيءَ تي ٿئي ٿو. جڏهن اهي وسيلا ختم ٿي وڃن ٿا ته غربت ۾ واڌارو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. زرعي علائقن ۾ صنعتي زراعت ڪن کي وڏيڪ قرضي ته گهڻن کي بي زمين ڪري ڇڏي ٿي.

# زندگيءَ جي تاڃي پيٽي کي بحال ڪرڻ

زندگيءَ جي تاڃي پيٽي/تاڃي ۾ جڏهن بہ ڪا جاندار شئي مري وڃي ٿي تہ اها انسانن سميت ٻين ڪيترن کي متاثر ڪري ٿي. باب 1 ۾ ڏنل قصي ۾ جڏهن منگلار الٿو جو ٻيلو ناس ٿي وڃي ٿو تہ ان سان گڏ ماڻهن جو ڪاڏو ۾ آمدني بہ ختم ٿي وڃي ٿي. پر ڳوٺاڻن جڏهن ٻيهر وڻ پوکڻ شروع ڪيا تہ هنن ڏٺو تہ هو زمين جي کاڌ روڪڻ يا ماڪيءَ جي پيداوار کان گهڻو ڪجهہ وڌيڪ حاصل ڪري رهيا آهن. انهيءَ زمين جي ٻيهر صحت بحال ڪرڻ سان ايترا گهڻا وڻ تڻ ۽ جانور بہ نوينا ٿي ويا، جيڪي وسندين جي صحت لاءِ تمام ضروري ٿين ٿا.




## قدرت جي وهنوار سان هلڻ

فطرت ۾ ڪا بہ شئي ضايع نٿي ٿئي. ڇاڪاڻ تہ فطرت ۾ هر شئي جو ڪو نہ ڪو استعمال يا مقصد ٿئي ٿو. فطرت ۾ شين کي ضايع ڪرڻ بنا ٻيهر استعمال ڪرڻ جو هڪ طريقو انهن کي ڦيرائڻ بہ آهي.

بدقسمتيءَ سان انسانن ۽ صنعتن، قدرتي ڦيرن کي اهڙو تہ ٻانواڻول ڪري ڇڏيو آهي جو ان سبب ماحولياتي صحت جا ڪيترائي سنگين مسئلا پيدا ٿيا آهن. قدرتي ڦيرن جي ٻانواڻول ٿيڻ جو هڪ مثال **عالمي تپش** (global warming) جو پيدا ٿيڻ آهي (ڏسو ص. 33).


ڪڪر وسي پاڻي زمين تائين پهچائين ٿا
پاڻي ٻخار ٿي وري ڪڪرن جو ويس وٺي ٿو.




## اسان قدرتي ڦيرن جي ڪيئن ڪاپي ڪري سگهون ٿا؟

فلپائين ۾ ماحولياتي صحت جي حامين جي چوٽي آهي ته:

ان اهميت کي سمجهڻ لاءِ ته زمين مان جيڪي ڪجهه پيدا ٿئي ٿو ۽ ان کي واپس زمين ۾ وڃڻو آهي اسان قدرت جي ڪاپي ڪري قدرتي وسيلن ۽ صحت جو بچاءُ اسان گهرن، وسندين ۽ ڪارخانن ۾ اهڙا ننڍڙا ڦيرا جوڙي بهتريءَ لاءِ ننڍڙا قدم کڻي سگهون ٿا. مثال طور، ڪامپوسٽنگ (composting)، شيشي جي بوتلن ۽ ٽين جي دٻن جو ٻيهر استعمال ڪرڻ يا ريسائيڪل ڪرڻ اهڙا طريقا آهن جن سان قدرتي ڦيرن جي پيروي ڪري اهي ٻيهر استعمال ڪري سگهجن ٿا، بجاءِ ان جي ته اهي گند غلاظت طور اڇلائي ڇڏجن.

## صنعتون قدرتي ڦيرن جي ڪيئن ڪاپي ڪري سگهن ٿيون




فلپائين ۾ ماحولياتي صحت جي حامين وٽ اها به چوٽي آهي ته:

ڪارخانو گهڻي زهريلي غلاظت پيدا ڪرڻ باوجود، قدرتي ڦيرن مان سکي توانائي ۽ مواد ٻيهر استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي عمل کي **صاف پيداوار** (clean production) سڏجي ٿو. ان عمل جي پهرئين قدم طور ڪارخانو جيڪا به غلاظت پيدا ڪري ٿو اها ڪيس واپس کڻڻي آهي. جيڪڏهن ڪيميائي زهر جهڙي غلاظت ٻيهر استعمال ڪري نٿو سگهي ته اها لازماً سلامتيءَ وارن طريقن سان اڪلائڻي، گهٽائڻي ۽ آخر ۾ ان جو استعمال ختم ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪارخاني کي پائدار آئيندي جو حامي ٿيڻو آهي ته ان کي لازماً بچاءُ، احتياط ۽ سيني کي صحت جي حق ڏيڻ تي بنياد رکڻو آهي ۽ نه ڪي خطري پيدا ڪرڻ، غلاظتون اڇلائڻ ۽ بيمارين جي صورت ۾ ڪمائڻ جو حق آهي.

ڪو ڪارخانو گهٽ ۾ گهٽ وسيلا ڪتب آڻي ۽ جيڪي ڪجهه استعمال ڪري ٿو ان کي ٻيهر استعمال ۽ ريسائيڪل ڪرڻ رستي اسانجي ماحولياتي صحت کي پهچندڙ نقصان کي گهٽائي سگهي ٿو.



## غلاظت سبب پيدا ٿيندڙ ڇيهو

**غلاظت،** ماڻهن ۽ ماحول کي پهچندڙ هڪ اهڙو ڇيهو آهي جيڪو ماڻهن جي سرگرمين خاص طور تي ڪارخانن جي گندڪچري، آمدورفت ۽ زراعت سبب حد کان وڌيڪ پيدا ٿيندڙ زهريلن مادن ڪري پيدا ٿئي ٿي. زهريلي غلاظت ماحول رستي هوا، پاڻي ۽ زمين تائين رسي وڃي ٿي.

گهڻي غلاظت، اسانجي روزاني زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي استعمال ڪرڻ يا انهن ۾ وائکي ٿيڻ سبب پيدا ٿئي ٿي. اهڙا ڪجهه وڌ ۾ وڌ عام طريقا جن سبب ماڻهو زهريلي غلاظت سان لاڳاپي ۾ اچن ٿا آهن:

- **باهين جو دونهون** : خاص طور تي جڏهن پلاسٽڪ ساڙي وڃي ٿي. اسان زهريلي دونهين ۾ ساهه کڻون ٿا ۽ زهريلي دز/ رک اسانجي پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻني ٻاري کي غليظ ڪري ڇڏي ٿي.
- **ڪارخانن جو دونهون** : هوا، پاڻي ۽ زمين کي غليظ ڪري ڇڏي ٿو.
- **ڪيميائي مادا** : ڪارخانن، کاڻين ۽ تيل جي کوٽائيءَ ۽ پيداوار دوران استعمال ڪيا ۽ پاڻيءَ جي ذريعن ۾ وهايا وڃن ٿا، هوا ۽ زمين کي پڻ غليظ ڪري ڇڏين ٿا.
- **پيسٽيسائيڊون**: ڪاڏي پيتي، پاڻيءَ جي وسيلن ۽ گهرن ۾ استعمال ڪيون ۽ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪنيون وڃن ٿيون. جڏهن ڦوهارجن ٿيون تڏهن هوا رستي پري پري تائين پکڙجي وڏو نقصان پهچائين ٿيون.
- **ڪيميائي مادا** : بئٽرين، رنگن روغنن ۽ اليڪٽرانڪس ۾ استعمال ٿيندڙ شين سان ڪم ڪندڙن کي ڇيهو رسائين ٿا.
- **موٽر گاڏين جو اخراج** : هوا، پاڻي ۽ زمين کي غليظ ڪري ڇڏي ٿو.

زهريلي غلاظت نه رڳو پيدا ٿيندڙ هنڌ تي ماڻهن، ٻوٽن ۽ جانورن کي سنگين ڇيهو رسائي ٿي ته پري پري هنڌن تائين جيسيتائين رسي سگهي ٿي اوسيتائين نقصانڪار ثابت ٿئي ٿي. پنهنجو پاڻ کي غلاظت ۽ زهريلن مادن جي ڇيهي کان بچائڻ، پائداريت جو هڪ اهم حصو آهي (ڏسو ص. 42، 368، 410، 440 ۽ باب 14، 16 ۽ 20 کان 23).

### احتياطي اصول

سدائين نون ڪيميائي مادن جي ڳولها ۾ ۽ وڌيڪ نفعي ڪمائڻ جي لالچ ۾ ڪمپنين هزارين اهڙا ڪيميائي مادا تيار ڪيا آهن جن جو قدرت ۾ ڪڏهن به ڪو وجود نه رهيو آهي. انهن مان ڪيترن ڪيميائي مادن جي چڪاس ڪري اهو به نٿو ڏٺو وڃي ته اهي ڪيترا بي ضرر آهن پر پوءِ به اهي اهڙين شين ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا جيڪي اسان روزانو استعمال ڪريون ٿا. جيستوڻيڪ ماڻهو اهو به سمجهن ٿا ته انهن مان ڪي هاڃيڪار به ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته ان ڳالهه ۾ شڪ ڪري نٿو سگهجي ته ڪو ڪيميائي مادو ڪيترو خطرناڪ ٿئي ٿو تنهن هوندي به اهي نه ته مارڪيٽ مان هٽايا وڃن ٿا ۽ نه ئي اسانجي جسمن کان دور رکيا وڃن ٿا.

ان ڏس ۾ ڪيترا پئنچ ۽ سائنسدان جنهن احتياطي اپاءَ جي ڳالهه ڪري فيصلي ڪرڻ جي رهنمائي ڪن ٿا اهو چوي ٿو ته:

**جيڪڏهن ڪنهن به سبب ويساهه ڪجي ته ڪا شئي استعمال ڪرڻ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي، پلي ته پوءِ ان لاءِ بلڪل پڪ نه به هجي، تڏهن به بهتر ان جو استعمال نه ڪرڻ ٿئي ٿو بجاءِ ان جي ته استعمال ڪري ڪنهن ڏچي ۾ پئجي.**

ترجيترو احتياط سوين علاجن ۽ ويجن کان بچائي ٿو.

هي اصول ڪيترن ملڪن جي موجود اصول جي ابتڙ آهي جو هاڻ، توهانکي ڪنهن شئي جي استعمال نه ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جي هاڃيڪار هجڻ جي ڳالهه ثابت ڪرڻي آهي. اهڙي ويچار کي اسان مردار جسمن جو اصول (dead bodies principle) سڏيون ٿا.

# موسمي تبديلي

سڄيءَ دنيا جي موسمن ۾ ڊرامائي تبديلون پيدا ٿي انسانن لاءِ قدرتي تباهيون ۽ صحت جا سنگين مسئلا پيدا ڪري رهيون آهن. دنيا جي ڪن هنڌن تي گهڻيون ٻوڏون ۽ شديد طوفان اچي رهيا آهن ته ڪن هنڌن تي گهٽ مينهن ۽ وڏيڪ خشڪ سالي پيدا ٿي رهي آهي.

اهڙيءَ صورتحال کي **موسمي تبديلي** يا عالمي تپش (climate change or global warming) سڏجي ٿو جيڪا اصل ۾ ڪيترن ماحولياتي مسئلن جو مجموعو آهي جنهن ۾ ٻيلا ناس ڪرڻ، پنهنجي پاڻيءَ ۽ هوا جي وڌندڙ غلاظت ۽ جهنگلي جيوت جي تباهي به شامل آهي. اهي مسئلا اسانجي گرهه جي گرمي پد ۾ ٿورو ٿورو واڌارو ڪري موسم ۾ هڪ وڏي ۽ دائمي تبديلي پيدا ڪن ٿا.

موسم ۾ ايندڙ تبديليون، اهڙين آفتن پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون جنهن سبب هر هنڌ جا ماڻهو متاثر ٿين ٿا. شديد طوفان ۽ ٻوڏون گهر ۽ فصل تباهه ڪن ٿيون، خشڪ ساليءَ سبب ڏڪر پيدا ٿئي ٿو ۽ جيت ۽ جانور جڏهن آبهوا جي تبديليءَ سبب نون هنڌن تي پهچن ٿا ته بيماريون ڦهلائين ٿا.

**عالمي تپش جا سبب**

ماحول ۾ غلاظت جذب ڪرڻ جي قدرتي صلاحيت موجود ٿئي ٿي. پر جڏهن تمام گهڻي غلاظت خارج ڪئي وڃي ته، ڌرتي اها جذب ڪري نٿي سگهي. گذريل 100 سالن کان به مٿي عرصي لاڪر جڏهن کان ماڻهن وڏي مقدار ۾ **قدرتي ٻارڻ** جهڙوڪ تيل ۽ ڪوئلو گڏ ۽ ان جو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي تڏهن کان ماحول ۾ غلاظت جو مقدار ايتريءَ تيزيءَ سان وڌيو آهي جو اڳ ۾ ايترو ڪڏهن به نه وڌيو آهي، جيڪو عالمي تپش پيدا ٿيڻ جو هڪ سبب آهي. ان ڪانسواءِ شين ناهڻ لاءِ اهڙا ڪيميائي مادا پڻ تيار ڪيا ويا آهن جيڪي هوا کي غليظ ڪن ٿا، جذب ٿي نٿا سگهن ۽ عالمي تپش وڌائين ٿا.

عالمي تپش پيدا ٿيڻ جو هڪ ٻيو بنيادي ڪارڻ، جهڙوڪر سيني ماحولياتي صحت جي مسئلن جيان قدرتي وسيلن جو غير منصفاڻو ان برابريءَ ۽ ناپائداريءَ سان استعمال ڪرڻ جو نتيجو آهي. هن وقت دنيا جي امير ملڪن جهڙوڪ اميريڪا پنهنجي زندگيءَ جو اعليٰ معيار حاصل ڪرڻ لاءِ نه رڳو هوا جي غلاظت پيدا ڪئي ته دنيا جي ٻين حصن جا وسيلا به استعمال ڪري موسمي تبديليءَ جي شروعات ڪئي آهي. جيڪڏهن دنيا جا غريب ملڪ به پنهنجي معيار زندگي وڌائڻ لاءِ ساڳيو طريقو اختيار ڪندي وسيلن جو حد کان وڌيڪ استعمال ۽ غلاظت پيدا ڪن ته اهڙيءَ ترقيءَ سان عالمي سطح تي ماحولياتي تباهي پيدا ٿيندي.

پر، ان قسم جي ترقيءَ تان هٿ ڪڻڻ جو اهو مطلب به ناهي ته غريب ملڪ پنهنجين برادرين جي معيار زندگي وڌائڻ لاءِ هٿ پير هڻي نٿا سگهن. جڏهن ته هڪ نئين قسم جي ترقي جنهن جو بنياد، رڳو امير ماڻهن بجاءِ سيني ماڻهن جي صحت جي برابريءَ تي هجڻ گهرجي ممڪن آهي ۽ ان جي گهرج به آهي. اهو به ضروري ٿي پيو آهي ته اسانکي قدرتي ٻارڻ تي ڀاڙڻ نه گهرجي ۽ نه ئي ڪيميائي مادا استعمال ڪرڻ گهرجن پر صاف توانائي جو استعمال شروع ڪرڻ گهرجي ۽ شين ناهڻ لاءِ توانائي جا صاف وسيلا ڪتب آڻڻ گهرجن (ڏسو باب 20 ۽ 23). اسان سيني کي لازمي طور تي پنهنجن سماجن کي متاثر گهرجي ۽ جن وٽ وڌيڪ وسيلا آهن تنکي ان عمل ۾ وڌيڪ ياڳي پائيوار ٿيڻ گهرجي.

